


# موجوده رياستي بحران جو فائدو سنڌ ۽ سنڌي عوام کي ڪيئن ملندو؟

**_ جامي چانڊيو**

پاڪستان جو موجوده رياستي بحران هاڻي ايترو تہ واضح ۽ چِٽو ٿي بيٺو آهي، جو ان بابت ملڪ جي ڪنهن بہ باشعور ماڻهوءَ کي ڪوبہ ابهام يا شڪ نہ رهيو آهي. اها بہ ڳالهہ هاڻي ڪا منجهيل نہ رهي آهي، تہ بظاهر ڪٽي اهو بحران موجوده حالتن ۾ مختلف سببن ڪري اُڀري آيو هجي پر حقيقت ۾ اهو تسلسل ۽ منطقي نتيجو آهي، انهن سمورين حالتن، محرڪن ۽ سببن جو جيڪي پاڪستان ۾ رياستي حوالي سان پيدا ٿيندا رهيا آهن. چاڪاڻ تہ بحرانن کي ڪڏهن بہ مثاچرن، بظاهر نظر ايندڙ ۽ سطحي سببن جي حوالي سانہ پرکبو ۽ پروڙبو آهي. موجوده رياستي بحران بہ دراصل ڪو رڳو موجوده حڪومت جو يا مشرف جو بحران نہ آهي پر دراصل اهو رياستي بحران آهي، جنهن جا بنياد رياست ۽ ان جي ڪردار سان لاڳاپيل سوالن سان وابستہ رهيا آهن.

جيڪڏهن رياست جي هن موجوده بحران کي سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مفادن جي نظر سان ڏسجي تہ اهو سوال اُڀري اچي ٿو، تہ ان جو پس و پيش فائدو سنڌ ۽ سنڌي عوام کي



ڪيئن رسندو؟ چاڪاڻ تہ پاڪستان جي سموري تاريخ ۾ ڏٺو اهو ويو آهي، تہ پاڪستان بطور رياست جي بهتر حالت ۾ هوندو آهي تہ بہ ان جو نزلو پس و پيش سنڌ ۽ سنڌي عوام تي ڪرندو آهي ۽ جيڪڏهن رياست سخت بحران جو شڪار ٿيندي آهي تہ بہ ان جا نتيجا سنڌ ۽ سنڌي عوام کي ڀوڳڻا پوندا آهن. هن ملڪ جي نہ خوشحالي سنڌ ۽ سنڌين کي راس ايندي آهي ۽ نہ ان جو بحران سنڌ ۽ سنڌين لاءِ ڪي بهتر نتيجا ڪڍي ايندو آهي. منهنجيءَ نظر ۾ موجوده دؤر ۾ جڏهن رياست پنهنجي بدترين اندروني ۽ ٻاهرين بحران ۾ ڦاٿل آهي، تڏهن ڏسڻ اهو گهرجي تہ ان جو فائدو سنڌ ۽ سنڌي عوام کي ڪهڙو ۽ ڪيئن ملڻ گهرجي؟ اچو تہ سڀ کان اول اهو ڏسون تہ رياست جي هن بحران جا خد و خال ڪهڙا آهن؟

## (1) پاڪستان بطور رياست جي عالمي طور وائکو ٿيو آهي؟

جيتوڻيڪ پاڪستان جو رياستي ڪردار پهرين ڏينهن کان اج تائين بنيادي طور ساڳيو آهي. رڳو ان جي ناٽڪ جي اسٽيج جا ڪردار تبديل ٿيندا رهيا آهن. پاڪستان جي رياست جو اصلي ڪردار هوندن تہ گذريل سَٺِ سالن کان ۽ مختلف دؤرن ۾ قسطن ۾ واضح ٿيندو رهيو آهي پر ضياءُ الحق ۽ خاص طور مشرف جي دؤر ۾ اهو بنهہ وائکو ۽ واضح ٿيو آهي. اج سڄيءَ دنيا ۾ پاڪستان کي آمريڪا جي هڪ Client State سڏيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو. ٻيو تہ ٺهيو پر خود ملڪ تي قابض پنجاب جا روشن خيال دانشور بہ ان کي هاڻي عوامي سطح تي Banana State سڏين ٿا. پاڪستان جو جيترو اصل چهرو ۽ ڪردار عالمي سطح تي وائکو ۽ واضح ٿيندو اوترو اُهو مقامي طور مجموعي طور عوام ۽ خاص طور مظلوم قومن جي اکين ۾ وڌيڪ ڏوڙ وجهي نہ سگهندو.

## (2) فوج اڪيلي ۽ تڪراري بڻجي چڪي آهي:

پاڪستان تي پنجاب جي هڪ هٿيءَ ۽ تسلط جو وڏي ۾ وڏو هٿيار فوج آهي. فوج پنجاب جي هڪ هٿيءَ جو ذريعو بہ رهي آهي تہ هٿيار بہ. جيتوڻيڪ پنجاب جي قومي هڪ هٿيءَ جو سڄيءَ توڙي اڻ سڌيءَ ريت سياسي ۽ معاشي فائدو پنجاب جي عوام کي بہ ملي ٿو پر ان جو محرڪ عوام نہ پر سندن حڪمران طبقو آهي، جنهن جا نمائندا فوج، بيوروڪريسي، سرمائيدار ۽ چوڌري آهن. ان ڪري جيترو اِهو عنصر ۽ قوتون ڪمزور ٿينديون، اوترو هڪ طرف پنجاب جي هڪ هٿيءَ ۽ طاقتور حيثيت کي ڌڪ رسندو تہ ٻئي طرف ملڪ جي مظلوم طبقن ۽ قومن جي جمهوري ۽ قومي جدوجهد سگهاري ٿيندي. منهنجيءَ نظر ۾ پاڪستان جي سموري تاريخ ۾ فوج ايتري اڪيلي، ڪمزور، تڪراري ۽ Isolate نہ هئي، جيتري اُها اج آهي. ويندي جنرل ضياءَ جي دؤر تائين بہ پنجاب جو وڏو حصو ۽ ساڄي ڌر جي سياست جڙ تہ فوج جون اسٽريٽجڪ اتحادي هيون پر اج ملڪ ۾

سواءِ سنڌ ٿاهيل ٻن جماعتن يعني سرڪاري مسلم ليگ ۽ ايم ڪيو ايم جي ڪوبه ساٿن بيهڻ لاءِ تيار نه آهي. اها صورتحال جيترو وڌندي اوترو پنجاب جو هڪ هٽيءَ وارو ڪردار ڪمزور ٿيندو ۽ ملڪ جي سمورن مظلوم طبقن ۽ قومن جي جمهوري ۽ قومي تحريڪ سگهاري ٿيندي ۽ سنڌ جدوجهد جو پنڌ سؤلو ۽ سجايو ٿيندو.

## (3) پنجاب جو حڪمران طبقو سياسي طور اڪيلو ۽ اُگهاڙو ٿيو آهي:

جيتوڻيڪ پنجاب جي حڪمران طبقي جون مختلف شڪليون، صورتون ۽ رنگ آهن پر سنڌن مفاد پس و پيش هڪ آهي. جتي ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ، بيورو ڪريسي ۽ سرمائيدارن جون مختلف شڪليون آهن. اُتي پنجاب جا جاگيردار ۽ چوڌري ان جي سياسي صورت آهن. هڪ مخصوص ڦورو ۽ موقعي پرست ٽولو آهي. جيڪو پهرين ڏينهن کان وٺي ملڪ جي سمورين مظلوم قومن ۽ عوام جي سڀ طرفي ڦُرلٽ ۾ سياسي ميدان تي موجود رهيو آهي. جيتوڻيڪ ان جون پارٽيون، گروهه ۽ حصا مختلف رهيا آهن پر ان جو مفاد ۽ ڪردار ساڳيو رهيو آهي. موجوده حالتن ۾ ان جي اُگهاڙي نمائندگي سرڪاري مسلم ليگ ڪري ٿي. جنهن جا ڦُهندار گجرات جا چوڌري آهن. منهنجيءَ نظر ۾ پاڪستان جي سموري تاريخ ۾ اهو ٽولو ۽ طبقو ڪڏهن به ايترو خوار، خراب، بدنام، وائڪو ۽ ڪمزور نه ٿيو آهي. جيترو اُهو اڄ آهي. نه رڳو اهو سڄي ملڪ ۾ دنيا آڏو خوار ٿيو آهي پر خود پنجاب جي عوام پڻ پهريون ڀيرو ان خلاف ايڏي مزاحمت ڪئي آهي ۽ ان کي رد ڪيو آهي. جيڪڏهن سمجهه ۽ ڏکيءَ نظر سان شين کي ڏسجي ته اهو لقاءُ ڪو معمولي نه آهي. ان جا گهڻ طرفا اثر ملڪي سياست تي پئجي رهيا آهن ۽ مستقبل ۾ وڌيڪ پوڻ جو امڪان آهي.

## (4) ملڪي وهنوار ۽ سياست جي ڪجهه بنيادي سوالن تي سمورو عوام يڪ راءِ ٿيو آهي:

پاڪستان جي سياست رياست جيان هميشه ورهايل، منتشر ۽ خاص طور تي پاليسين تي متضاد Positions تي رهي آهي. ملڪ جو قومي ۽ جمهوري سوال هجي يا وسيلن جي ورهاست، سياسي خود مختياريءَ جو سوال هجي يا رياست جي جوڙجڪ جو سوال هجي، ملڪ ۾ محدود مرڪز ۽ طاقت جي توازن جو سوال هجي يا نظرياتي ميدان- مجموعي طور ڏسبو ته پاڪستان جي سياست هميشه ورهايل ۽ متضاد پوزيشنز تي بيٺل نظر ايندي. جيتوڻيڪ اڄ به پاڪستان جي سياست مجموعي طور تمام گهڻن تضادن جو شڪار آهي پر



ڪجهه بنيادي سوالن تي جيترو اها اڄ متحد ۽ واضح آهي، اوترو ڪڏهن به نه هئي. مثال طور اڄ سواءِ ٻن سرڪاري پارٽين (يعني مسلم ليگ ۽ ايم ڪيو ايم) جي مجموعي طور ملڪ جون سمورين ماڊريٽ سياسي پارٽيون ان ڳالهه تي ٿلهي ليکي متفق آهن ته:

- فوج جو ڪوبه سياسي ڪردار نه هئڻ گهرجي.
- فوج سان لاڳاپيل خرچ تمام گهٽيءَ حد تائين گهٽائڻ گهرجن.
- ايجنسين جو ڪوبه سياسي ڪردار نه هئڻ گهرجي.
- ملڪ ۾ ڪنهن فرد يا ٽولي بدران پارليامينٽ جي بالادستي هئڻ گهرجي.
- وفاق وٽ محدود اختيار هئڻ گهرجن.
- سياسي پارٽين کي آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ جي اجازت ۽ ماحول ملڻ گهرجي.
- ميڊيا مڪمل طور آزاد هئڻ گهرجي.
- عدليه غير جانبدار ۽ آزاد هئڻ گهرجي.
- سول سوسائٽيءَ جي آواز جي رياستي معاملن ۾ اهميت هئڻ گهرجي.
- ملڪ ۾ ڪي به تڪراري منصوبا حقيقي اتفاقِ راءِ کانسواءِ عمل ۾ نه آڻڻ گهرجن.
- اليڪشن ڪميشن آزاد ۽ غير جانبدار هئڻ گهرجي.
- چونڊون آزاد ۽ شفاف هئڻ گهرجن.
- پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي آزاد ۽ عوام دوست هئڻ گهرجي.
- ملڪ ۾ فردن ۽ گروهن بدران قانون جي حڪمراني هئڻ گهرجي.
- نسلي ۽ مذهبي دهشتگرد سياست ۽ رياستي دهشتگردي ڪنهن به صورت ۾ نه هئڻ گهرجي.

## (5) ايم ڪيو ايم مڪمل طور وائڪي ٿي آهي:

ڪابه عوام دشمن رياست رڳو عوام خلاف سڌيءَ ريت رياستي طاقت سان آپريٽ نه ڪندي آهي پر اها مختلف صورتن ۾ سياسي ميدان تي پنهنجون دهشتگرد تنظيمون ۽ گروهه پڻ ٺاهيندي آهي. کين پاليندي ۽ استعمال ڪندي آهي. پاڪستان ۾ ايم ڪيو ايم ۽ جهادي تنظيمن جي شڪل ۾ نسلي ۽ مذهبي دهشتگردي به دراصل رياستي دهشتگرديءَ جون ٻئي صورتون آهن. جيئن بنگال ۾ الشمس ۽ البدر جي دهشتگردي پڻ دراصل رياستي دهشتگرديءَ جو ٻئي روپ هئي. جيتوڻيڪ ملڪ ۽ سنڌ جي روشن خيال ۽ عوام دوست قومي سياست ڪنڌڙ تنظيمن ٽوڙي فردن وٽ ايم ڪيو ايم جي ڪردار بابت ڪڏهن به ڪو ابهام نه رهيو آهي پر موجوده دؤر ۾ ۽ خاص طور تي 12 مئي جي ڪراچيءَ

جي قتلام ڪانپوءِ هن ملڪ ۾ هاڻي اهڙو ڪوبہ زندهہ ضمير ماڻهو نہ آهي، جنهن ايم ڪيو ايم جي حقيقي ڪردار کي نہ سمجهيو هجي. 12 مئي تي ڪراچيءَ ۾ متحده رياستي ادارن جي پاڇي ۾ بلڪل ايئن آپريٽ ڪيو جيئن بنگال ۾ الشمس ۽ البدر بنگالين خلاف آپريٽ ڪيو هو. ايم ڪيو ايم ۽ سندن اسلام آباد جي سيڪٽر انچارج ”جنرل مشرف“ جون سموريون دعوائون پنهنجي جاءِ تي پر 12 مئي هڪ اهڙو ڏينهن ثابت ٿيو جڏهن سموري ملڪ ۽ سموري دنيا متحده جي حقيقي ڪردار ۽ رياست سان سندن ”تعلق“ کي حتمي طور سمجهي ورتو. نتيجي ۾ اڄ متحده ملڪي سياست ۾ سڀني کان اڪيلي، ڌار، ڌڪاريل ۽ نفرت جوڳي ڌر ٿي اُڀري آهي. وڏي ڳالهہ تہ سڄي ملڪ جي عوام ۽ سڄيءَ دنيا کين ساڃيءَ اک سان ڏٺو. اها بہ ڳالهہ آهي تہ سدائين دهشتگردن جي ونگار وهندڙ ”ڌر“ هن ڀيري بہ پنهنجو ”فرض“ نڀايو. سڄي دنيا هڪ طرف متحده جي اصل ۽ وائکي ٿيل ڪردار بابت آگريون کڻي رهي آهي تہ ٻئي طرف عبدالواحد آريسر پنهنجي ٽولي سميت هڪ دفعو وري 90 جي ”دهشتگرد درگاهہ“ جي حاضري ڀري رهيو آهي. رياست ۽ سندس پاليل ڌريون تڪليف ۾ اچن ۽ عبدالواحد آريسر سندن مدد لاءِ اڳيان نہ اچي، اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ حيدرآباد جو نسلي بنيادن تي ورهاڱو ڪيو ويو، سڄي دنيا هڪ طرف هئي پر عبدالواحد آريسر ڪاوش اخبار ۾ ڪالم لکي متحده ۽ حيدرآباد جي ورهاڱي جي حمايت ڪئي. هي دؤر هڪ لحاظ کان زبردست آهي، جو هر ڪنهن جو ڪردار ۽ روپ وائکو ۽ ظاهر ٿي رهيو آهي ۽ مان ان راءِ جو آهيان تہ اهڙن ماڻهن کي ان جو ڀرپور موقعو ملڻ گهرجي. خاڪي جوبو تہ هن ڪان بہ ٻہ هٿ اڳتي وڌيو آهي ۽ هن تہ 12مئي جي دهشتگرديءَ لاءِ متحده کي سلام پيش ڪيو آهي. ان ڪري منهنجي نظر ۾ 12 مئي جي صورتحال رڳو مشرف، اسٽيبلشمينٽ، ايجنسين ۽ متحده کي ئي نہ پر اهڙي وطن فروش ۽ ناٽڪي بوگس قومپرستيءَ کي بہ بي نقاب ڪيو آهي. وقت اچي ويو آهي تہ سنڌ جي سياست ۾ ان لاڙي، رويي ۽ مفاد کي نہ رڳو مڪمل طور وائکو ڪجي پر سندن ڪردار جي مڪمل ۽ سڀ طرفي ڇنڊ ڇاڻ ٿيڻ گهرجي. بهر حال ان سان متحده جي ساک تي ڪوبہ فرق نہ ٿو پوي. هن تنظيم جو ڪردار، ٻهروپيت، دهشتگردي ۽ رياست سان سندن سڱ ئي سندن اميج کي واضح ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. هن ڀيري ايم ڪيو ايم جو سنڌي عوام، ملڪ توڙي سڄيءَ دنيا آڏو وائکو ٿيڻ سنڌي عوام کي Suit ڪري ٿو ۽ اها صورتحال ڏينهون ڏينهن وڌيڪ واضح ٿيندي.

اِهي تہ اُهي فيڪٽرس آهن، جيڪي هن رياستي بحران جي نتيجي ۾ اُڀري سامهون آيا آهن ۽ جن جو مجموعي فائدو ملڪ جي عوام ۽ خاص طور مظلوم قومن کي جزوي طور



مليو آهي ۽ وڌيڪ ملي سگهي ٿو. هتي سوال اِهو آهي تہ هن ڀيري رياست جي هن بحران جو فائدو سنڌ ۽ سنڌي عوام کي ڪيئن ملي؟ ڇاڪاڻ تہ ايوب جي دؤر ۾ رياست بحران جو شڪار ٿي پر ان جو فائدو اسان کي نہ مليو. فوج بنگال ۾ شڪست کاڌي ۽ رياست بدترين بحران جو شڪار ٿي تہ ذوالفقار علي ڀُٽو اڳيان آيو ۽ اسٽيبلشمينٽ جا سڀ گناهہ ڌوئي ويو ۽ اسان کي ان جو ڪوبہ غير معمولي فائدو نہ مليو. ضياءُ الحق جي دؤر جي آخري ڏينهن ۾ رياست بدترين بحران جو شڪار ٿي، ملڪ ۾ ايم آر ڊيءَ جي شڪل ۾ وڏيون تحريڪون هليون پر ان جو بہ پس و پيش فائدو پ پ جي وڏيرا شاهيءَ کي تہ مليو پر سنڌ ۽ سنڌي عوام کي نہ مليو. هڪ دفعو وري مشرف جي دؤر ۾ رياست بدترين بحران جو شڪار ٿي آهي، جنهن جا ڪجهہ خد و خال اسان مٿي واضح ڪيا آهن پر سوال آهي تہ جڏهن هن لڙ جي Dust Settle ٿيندي تہ پس و پيش اسان کي هن بحران مان ڪهڙو ۽ ڪيئن فائدو ملندو؟ جڏهن تہ هن ڀيري شايد هن رياستي بحران مان وڌ ۾ وڌ فائدو ملڻ جا امڪان موجود آهن. مون اڳ بہ بار بار مختلف موقعن تي لکيو ۽ چيو آهي تہ متحده ۽ اقتدار پرست سنڌي وڏيرا نہ رڳو رياست جا پيدا ڪيل ۽ پاليل عنصر آهن پر اهي سنڌي عوام جي قومي سگهہ، ٻڌيءَ، جدوجهد ۽ مفادن خلاف رياست جا هر گهڙيءَ استعمال ٿيندڙ اسٽريٽجڪ هٿيار پڻ آهن. سنڌي عوام هر دفعي رياست جي بحرانن جو فائدو ان ڪري نہ ٿو حاصل ڪري سگهي، جو طاقت جي توازن ۾ اهو ديوار سان لڳايو ويو آهي. سنڌ اندر سياسي ميدان تي طاقت جو سمورو توازن رياست ۽ ايجنسين جو ٺاهيل ۽ سنڀاليل آهي. هڪ طرف متحده آهي تہ ٻئي طرف اقتدار پرست ۽ وطن فروش وڏيرا آهن، جن جون پارٽيون، نالا، خاندان، علائقا ۽ نعرا مختلف آهن پر انهن جو ڪردار ۽ مفاد ساڳيو آهي تہ اهو هر حساس موقعي تي سنڌ ۾ رياست کي Facilitate ڪري ٿو. ٽئين طرف اُهي بار بار ۽ هر موقعي تي وائکا ٿيل ڪوڙا ۽ ناٽڪي قومپرست آهن، جن جو چوويهہ ڪلاڪ ڌنڌو دشمن جي سازشن ۽ حڪمت عملين لاءِ ميدان صاف ڪرڻ آهي ۽ پنهنجي عوام کي منجهائڻ آهي. آريسر جون ”دهشتگرد درگاهہ“ جون حاضريون ۽ خاڪي جوبي جون فتنہ گير نظرياتي تاويلون ان جوئي مظهر آهن.

منهنجو ويساهہ آهي تہ جيستائين سنڌ ۾ سياسي طور شين جي ڇنڊ ڇاڻ نہ ٿيندي ۽ هر ڌر جي سياسي ڪردار کي بي رحميءَ سان نہ پرکيو ويندو تيسين سنڌي عوام اهڙيءَ طاقت ۾ تبديل ٿي نہ سگهندو، جيڪا ڪيس هن رياستي بحران مان گهربل فائدو وٺي ڏيندي. مان اڃا وڌيڪ واضح طور چوان ٿو تہ جيستائين سنڌ ۾ ٽن ڌرين جي ڪردار کي مڪمل طور سمجهيو ۽ وائکو نہ ڪيو ويندو، سنڌي عوام جي حقيقي ۽ وسيع قومي جدوجهد جا رستا منجهيل ۽ بند رهندا ۽ اهي ٽي ڌريون آهن:

- رياست جي ٺاهيل ۽ پاليل متحده.

- رياست جا پاليل ۽ تاتيل اقتدار پرست سنڌي وڏيرا.
- سڌي ۽ اڻ سڌيءَ طرح سنڌي عوام جي سمورين ويري قوتن جي نظرياتي، سياسي ۽ قلمي ونگار وهندڙ ناٽڪي ۽ سرڪاري قومپرستي.

رياست جي موجوده بحران جو پس و پيش فائدو سنڌي عوام کي تڏهن ملندو، جڏهن سنڌي عوام جي گهٽائي سياسي طور واضح، متحد ۽ منظم ٿيندي ۽ هڪ اهڙي قوت ۾ تبديل ٿيندي، جيڪا طاقت جي توازن ۾ فيصلي ڪن وزن رکي. سنڌي عوام جي اهڙي مثالي ٻڌيءَ، ڄڃائيءَ ۽ سگهه جي راهه ۾ حائل سياسي، نظرياتي ۽ اسٽريٽجڪ رڪاوٽون دور ڪرڻ هنن حالتن ۾ سمورن وطن دوست، فرض شناس ۽ باضمير سنڌين جو اولين فرض آهي.